محمد ياسين مانڌڻ*

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي“سُرپرڀاتيءَ ” جو فڪري جائزو

# A Contemplative Analysis of Sur Pirbhati of Shah Abdul Latif Bhitai

**ABSTRACT:**

Shah Abdul Latif Bhitai is a great Sindhi poet. He is famous for his art and intellect in the world. His poetriy covers all the aspects of life. His intellectual worth has been explained by the critics and the learned artists in the research works. The main focus of the poetry of Shah Abdul Latif is classical, neo-classical, legends, love stories, epics and stories of philanthropists. The poetry of Shah Abdul Latif represents the true culture of Sindh. His poetry is the poetry of common people and exploited one. Each chapter (Sur) of his poetry is just like a flower with different colour and fragrance. Sur Pirbhati describes us the heroic story of the Sindhi Raja (ruler) Sakhi Sapar, Jam Chotani who had been very famous for his liberalism and philanthropies activities.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو ناميارو شاعر ، پنهنجي فن فڪر جي حوالي سان پوري دنيا ۾ مشهور آهي. سندس شاعريءَ جو هر پهلو گونا گون آهي. سندس فڪر جي پيمائش لاء دنيا جي عالمن نقادن پنهنجي پنهنجي طور طريقي سان تحقيق ۽ تشريح ڪئي آهي. شاهہ صاحب جي شاعريءَ جومرڪز ۽ محور، سنڌ جا ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي داستان آهن .انهن ۾ رومانوي داستان بہ آهن تہ جنگي داستان بہ . انهن ۾ سخا ۽ سورهيائيءَ جا قصا بہ آهن تہ فن جي قدرداني جون ڪهاڻيون بہ آهن. شاهہ صاحب سنڌ جو سچو عاشق هو ، جنهن سنڌ جي هر محڪوم ۽ مظلوم جو آواز بڻجي انهن جي حقن جي قدرداني ڪئي ۽ سنڌ جي پورهيت طبقي جي پزيرائي لاء انهن جي فن کي ساراهيو. اهڙيءَ طرح هر هڪ سر پنهنجي پنهنجي موضوع جي حوالي سان الڳ الڳ خوشبو سان واسيل آهي . شاهہ صاحب جو سر پرڀاتي پنهنجي انوکي موضوع جي حوالي سان نمايان آهي. جنهن ۾ سنڌ جي مها سخي سپڙ ڄام چوٽاڻيءَ جي سخاوت جو قصو ۽ مڱڻهارن جي فن جي مڃتا ۽ قدرداني جو احوال آيل آهي.

جامع سنڌي لغات ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پرڀاتي لفظ جي معنيٰ ڏيندي لکيو آهي تہ: ”پرڀاتي صفت آهي، معنيٰ پرڀات جو، صبح وارو، هڪ راڳڻيءَ جو نالو، جا صبح جو ڳائبي آهي“. ( 1 )

* ايم- فل اسڪالر، سنڌي شعبو/ اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، ٺري ميرواهہ

محترم ڪلياڻ آڏواڻي سر پرڀاتيءَ ۾ لکيو آهي ته:
”پرڀاتي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا پرڀات يعني اسر جو ڳائبي آهي“. (2)
جناب محمد يعقوب آغا، پنهنجي ترتيب ڏنل انگريزي رسالي ۾ لکيو آهي ته:
(3)” scheduled to be sung at dawn time. هم Perbhati means a hymn”

مٿين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته پرڀاتي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جيڪا اسر ويل ڳائبي آهي ۽ انهيءَ سونهاري وقت ۾ ڏٽيءَ جي در تي سوال ڪبوآهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ اعلي نمونو آهي. انسان جي زندگيءَ سان گڏ ڪائنات جي سيني ڳجهن جو وستار پڻ ٿيل آهي. سندس شاعريءَ ۾ انسان جي اصليت ۽ خصوصيت جي ڳالهه ئي آهي ، جنهن ڪيس امر بڻايو آهي. انساني جذبات احساسات جي ترجماني جيئن شاهه صاحب ڪئي آهي تيئن ڪو ورلي ڪري سگهندو. انساني اهنجن ۽ اوکاين جي وستار ، سخا ۽ سورهيائيءَ جو بيان ،محبت جا مذڪور، مطلب ته شاهه صاحب جي تخيل جو تاج آسمان سان چوٽي گسائي رهيو آهي.

اڄ تائين شاهه جي شاعريءَ جي هر هڪ سر تي تحقيقي ۽ مقالا لکي، ڪتاب ڇپرايا ويا آهن پر شاهه صاحب جي سر پرڀاتيءَ تي گهٽ لکيو ويو آهي. جنهن تي وڌيڪ لکڻ جي ضرورت آهي. ڇو ته شاهه صاحب جو هيءُ سر نج سنڌي سماج جي اهڙي ترجماني آهي جنهن ۾ همدردي ۽ هڏ ڏوکيائي، سخا، سچائي ، راڳ جي قدرداني، هيڻن جي همراهي، گهرندڙ لاءِ گهور ۽ اڻ گهربي ڪي انعام بغير ڪنهن مطلب ، لوڀ ۽ لالچ جي ڏنو وڃي ٿو .شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ ڏهه ڏاتارن ۽ ستن سورمن جو ذڪر آهي، انهن ڏهن ڏاتارن جي ڏان ۽ سخا هن ڌرتيءَ جي سونهن وڌائي آهي . اهي ڏاتار جيڪي ڏڏن ڪي به ڏيندا هئا ته جڏن ڪي به . انهن سنڌ ۾ راڳ جي قدرداني ڪندي منگتن ۽ مڱڻهارن ، ڀٽن ۽ ڀانن جي قدرداني ڪندي نسل در نسل پزيرائي ڪئي ۽ سنڌ جي امن پسند ماحول کي اهڙو ته مانائتو بڻايو جو اڄ جي سماجي ماحول کي ڏسي ،اهو وقت جنت وارو محسوس ٿئي ٿو .جيئن شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ جي منظرڪشي ڪئي آهي:

نڪا جهل نه پل ،نڪو رائر ڏيهه ۾،
آٽيو وجهن آهرين ، روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪڻو

( سر مارئي)

شاهه صاحب جي مختلف سرن ۾ جن ستن سورمن جو ذڪر آيو آهي سي آهن،

1. ڪارائڙو سمون 2. راوت رڻمل 3. پونرو بداماڻي 4. رڻمل جاڙيجو 5. ڄام مهر نوتيار 6. ڄام اوڍر سمون 7 . ابڙو اڙٻنگ ۽ جن ڏهن ڏاتارن جو ذڪر آهي سي آهن،

1. ڄام ڪرن 2. ابڙو اگهام 3. ڄام راهو 4. ڏياچ ويراڻي 5. ڄام سپڙ چوٽاڻي
6. ڄام جکرو اوڍاڻي 7. ٽانور پٽي 8. ڄام انڙ 9. ڄام جکرو ڳهڙ راءِ
10. لاکو ڦلاڻي.

سر پرڀاتيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ ذڪر لس ٻيلي جي سخي سپڙ ڄام جو آهي ۽ ان سان گڏ ڄام انڙ ۽ ابڙي اگهام جو آهي. جيڪي لس ٻيلي جا سخي هئا ۽ شاهه صاحب جي ڏهن ڏاتارن مان هئا. ان حوالي سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته : ” سر بلاول وانگر هيءُ سر به موروثي منگتن ۽ مڱڻهارن طرفان سخي سردارن کي ڳائڻ ۽ کانئن ڏاڻ وٺڻ واري رسم ۽ روايت جو يادگار آهي .“ (4)

هن سر ۾ خاص ذڪر لس ٻيلي جي والي سپڙ ڄام جي سخا جو آهي . ڄام سپڙ چوٽاڻيءَ لاءِ اڪثر محقق ۽ عالمن جي راءِ آهي ته ، هو لس ٻيلي جو سمون حاڪم هو ۽ ذات جو رونجهو هو ۽ سندس پاڙو چوٽاڻي هو .

جناب معمور يوسفاڻي پنهنجي ڪتاب ”ست سورهيه ۽ ڏهه ڏاتار“ ۾ لکيو آهي ته:

”جنهن زماني ۾ ڏيرڪ پرڳڻي تي ڄام انڙ وير جو راڄ هو ، تنهن دور ۾ چوٽاڻ ۽ ٻيلي پرڳڻي تي ڄام سپڙ رونجهي جي حڪومت هئي ۽ انهن علائقن ۾ وٽراهه ، جبل ۽ پٽون به هيون جنهن ڪري شاهه صاحب ڄام سپڙ کي ”پٽ ڌڻي“ ، ٻيلي ڌڻي ، ۽ چوٽاڻي سڏيو آهي“. (5)

جناب معمور يوسفاڻي پنهنجي انهيءَ راءِ جي پٺ ڀرائيءَ لاءِ حاشيي ۾ لکيو آهي ته:

”چوٽاڻ جو علائقو پارڪر ۽ آسپاس تي مشتمل هو ۽ ٻيلو ننگر پارڪر کان ڏکڻ اوڀر طرف ڪڇ جي رڻ ۾ وڏو ٻيٽ آهي“. (6)

جناب معمور يوسفاڻي هن راءِ لاء ڪوبه حوالو ڪونه ڏنو آهي ، جڏهن ته سخي سپڙ ڄام لس ٻيلي جو حاڪم ٿي گذريو آهي ، جيڪو علائقو ڪراچيءَ کان اتر ۾ آهي ۽ هن وقت بلوچستان جو حصو آهي ۽ وٽڪار پڻ بلوچستان جو حصو آهي جنهن لاء شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

” وڃين چو وٽڪار، هت نه ڳولين هوت کي “

اهڙيءَ طرح جناب محمد يعقوب آغا، پڻ ڄام سپڙ لاءِ راءِ ڏني آهي جنهن ۾ ڄام سپڙ کي ملڪ پهاڙ خان عرف سپڙ خان سڏيو آهي ، جڏهن ته شاهه صاحب ڪٿي به ملڪ پهاڙ خان ڪونه سڏيو آهي . ان حوالي سان هو لکي ٿو ته:

“Malik Pahar Khan (Allas Sapar Khan as referred to, by the poet in this sur) was the founder of his dynasty in lasbella. Originally a Rajput , he and his tribesmen ,migrated to lasbella and were known as Nou Marya”. (7)

اهڙيءَ طرح ڄام سپڙ سنڌ جي سمان خاندان مان هو ، جن جي خانداني نڪ راجپوتن سان وڃي ملي ٿي. ان حوالي سان " شيخ محمد سومار " لکي ٿو ته:

”اهي سومرا ۽ سما آڳاٽن سانگي لوڪن مان هئا ،جيڪي پوءِ وسنديون ناهي ٽانيڪا ٿي وينا ۽ پنهنجا راڄ قائم ڪيائون ته سماٽ ، سمراٽ ۽ راجپوت سڏجڻ لڳا ." (8)

**سر جو متن:**

پرڀاتي هڪ سر يا راڳڻيءَ جو نالو آهي جا اسر جو ڳائبي آهي .هيءُ اهو وقت آهي جنهن ۾ عبادت ڪرڻ سان خالق ڪائنات جون سڀئي رحمتون پلئه پئجي سگهن ٿيون . سنڌ ۾ مڱڻهارن فقيرن جو هڪڙو سماج رهيو آهي جيڪي پنهنجي فن جو قدر ڪرائڻ لاء اسر جي ويل وڃي سخين جي درن تي ساز ڇيڙي پنهنجي پنهنجي ڏات جو داتا کان ججهو دان وٺڻ لاء سخين جي درن تي ”ڪڙهه اڳيان ڪپي“ پنهنجي ڏات جووکر ورهائيندا آهن . اهڙي عمل کي ”وهاڳ “ چيو ويو آهي ، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

اپريو تارو ، اٿي ور وهاڳ ڏي ،
سپڙ ريسارو ، چت رکي چارٽئين .
( ن _ ب 2 _1)

وهاڳ لاءِ معمور يوسفاڻي صاحب لکي ٿو ته:

”وهاڳ ڪرڻ سنڌ جي فقيرن جي پراڻي حرفت آهي جنهن جي ڪري هو سدائين مانائتا رهيا آهن . وهاڳ لفظ وهامڻ مان نڪتل آهي جنهن جو مطلب آهي رات وهامڻ جي وقت، يعني اسر مهل ڪنهن سخي يا ڏاتار جي حويليءَ جي در وٽ وڃي ڪيرت ڪرڻ“. (9)

وهاڳ جي ڪيرت منگتن جو خاص هنر ۽ فن هو . هو سخيءَ جو در وٺي پهرئين سباجهي سائينءَ کي ريجهائڻ لاء آلاپ ڪندا هئا ۽ پوءِ نبي سڳوري صه ،اصحابن ،اوليائن ۽ نيڪ بزرگن جي ساراهه ڪندا هئا. آخر ۾ ان سخيءَ جي شان ، وڏائي ۽ سخا کي ساراهي انعامي ٿيندا هئا . پوءِ جيڪي ڪيرت ۾ سستي ڏيکاريندا هئا ته اهي انعام کان به محروم ٿيندا هئا ته مڱڻهارن جي مائٽيءَ کان

بہ ويندا هئا . ان ڪري شاھ صاحب اهڙن وسوڙيل ، موڳن ۽ سست جاجڪن کي چيو آهي تہ:

ايءُ نہ پانن پير ، جيئن ڪيريءَ ٽنگيو ڪينرو ،
سونهاري صبح سان، تون وجهي وينين وير ،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو .

( ن ب 1_ 1).

شاھ صاحب جي رسالي ۾ سر پرڀاتيءَ جو پهريون داستان هدايت۽ نصيحت تي مشتمل آهي. اها هدايت مڱڻهارن ۽ جاجڪن لاءِ بہ آهي تہ عام ماڻهوءَ لاءِ بہ آهي . هن داستان ۾ ڏنل سيني بيتن جو متن ساڳيو آهي، تہ جيستائين انسان پنهنجي خالق جي واڪاڻ ۽ وڏائي پرڀات ۾ اٿي نہ ٿو ڪري ،تيستائين ڪيس لائق رزق نہ ٿو ملي .محنت جو عنصر هر عمل کي عمدو ۽ لذيذ بڻائي ٿو .انڪري سونهاري صبح ۾ جڏهن ڪائنات جي هر شيءِ تازگي محسوس ڪري ٿي ،انهيءَ ويل ڪيرت ڪرڻ ۽ رحيم کي ريجهائڻ جو دان بہ ڏگنو ملي ٿو . ان ڪري شاھ صاحب هن سر ۾ اهڙن مڱڻهارن کي خبردار ڪيو آهي تہ جيڪو وقت توهان جي ڪيرت جو آهي ، جنهن عمل جي ڪري توهان کي ڏان ملڻو آهي اهو تون سمهين ۽ ننڊون ڪري گذارين ٿو ،ان مهل خبر پوندئي جڏهن تنهنجو ساز ڪنهن ڪم جو نہ رهندو، تو وٽان ڪلا موڪلائي ويندي ۽ ساز بہ ڪنهن هنڌ پٽ تي بي يارو مددگار پيو هوندو.

ستو ڪيئن ننڊون ڪرين ،ور وهاڻيءَ ووءِ ،
سياڻ ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾

( ن ب 1_ 2 )

هن داستان شاھ صاحب اهڙن پٽڪيل ماڻهن لاءِ هدايت ڪئي آهي جيڪي داتا جو در ڇڏي ٻين درن تي ٻاڏائين ٿا جيڪي در سدائين پوريل ۽ بند هوندا آهن . پوءِ بہ اتان ئي پنڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر اهي در تہ اندران ئي بند هوندا آهن تہ پوءِ انهن وٽان پنڻ واري جي پورت ڪيئن ٿيندي. ٻئي طرف ڏيهن جو ڏاتار آهي تہ هڪڙو ئي آهي جنهن جي در جا طاق نہ رات جو ٿا بند ٿين ۽ نہ وري ڏينهن جو . ان ڪان بہ وڏي ڳالھ اها آهي تہ هو ڏئي ۽ ڪڏهن بہ پڇاري ڪونہ ٿو .اهو سڄن کي بہ ڏئي ٿو تہ جڏن کي بہ .

پورڻا در ۾ پن، جن پنئي پورت نہ ٿئي،
ڏيهہ ۾ ڏاتر هيڪڙو، نانءُ تهين جو ڳن،
جو رين رساڻي دن ، ڏئي ڏرمائي کين کي.

( ن ب 1_ 5)

شاهہ صاحب وري اهڙن مڱڻهارن کي هدايت ڪري ٿو جيڪي پوريل درن تي ويهي ويهي وڏي واٽِ وللي مايوس ٿي موٽن ٿا ۽ موڙهيل ۽ ويڳاڻا وتن ٿا هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا . اهڙن لنگهن کي چئي ٿو تہ بي مقصد ۽ اجايو صدا هڻڻ واري واٽ ڇڏي، وري بہ انهيءَ زبردست جي در تي سوال ڪر تہ ڪا قيمت ملئي .

موڙهيو پڻين مڱڻا، ڪيڏانهن هئين ڪال،
لنگها ڇڏ لطيف چئي، اجهڻ جا افعال،
سڀ در سوال، ڪر تہ قيمت آڻيين

(ن ب 1_ 2)

اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب ڏيڻ واري ڏاتار جي پر هميشہ ونئي ويهڻ جي صلاح ڏئي ٿو . ڇو تہ جيڪو اهو در نہ ونئي اهو ئي ڏوهي آهي . ان ۾ ڏاتار جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ آهي . جيڪو پنهنجي گهرڻ جي ڏات ڪٽي ڏاتار جي در تي وڃي ئي ڪونہ ٿو اهو ڏاتار تي ڪيئن ڏوهہ ڏيندو!

ڏاتار ڏوهہ نہ ڪوءِ، ڏوهہ مڙئي مڱڻي،
جي اپو در پر هوءِ ، تہ ڏيهاڻي ڏات لهي

(ن ب 1 _ 10)

خالق وٽ ڏات جو قدر آهي جيڏي ڏات سچي ۽ سريلي آهي دان بہ اوڏو ئي ڪرو ملي ٿو ۽ جيڪو طمع ڪي نہ ٿو ڇڏي تہ مٿ ماڻڪن جي ونئي وريءَ لاءِ آسرو پلي ڇڏي ٿو .

طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا ،
ڏکي ڪندئي ڏار ، ماڻڪ ڏئي مٿ ۾

(ن ب 1_13)

شاهہ صاحب جي شاعريءَ ۾ جهڙيءَ طرح سر ڪيڏارو ۾ دليري ، بهادري ۽ شجاعت جو ذڪر آهي ، تهڙيءَ طرح سر پرڀاتي ۽ سر سورٺ ۾ وري سخا جي ڳالهہ اهڙي تہ جذبات سان پريل آهي جو ائين محسوس ٿي رهيوآهي تہ اجهو هيئنر اسان جي اڳيان راءِ ڏياچ پنهنجو سر قربان ڪري رهيو آهي ۽ سخي سپڙ جام جو قصو اهڙيءَ طرح چٽيل آهي جو دنيا جي شاعرن شايد ئي اهڙي تمثيل سان پنهنجي هيري کي شان سان شاباش ڏني هجي، ان لاءِ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

چوٽاڻي چوٽ وهي، سڪا سانگ پري،
ڪوڏيو ڏان ڏڏن کي، سپڙ سخي ڏئي،
ان راهہ متي رونجهي ، ماڻڪ اچليا مينهن جيئن.

سخي سپڙ ڄام جي ڳالهه سنڌ جي هر حصي ۾ برابر مشهور آهي. ان حوالي سان سندس سخاوت لاءِ جناب معمور يوسفاڻي لکي ٿو:
”هونءَ ته سمن سردارن ۾ڪيئن سخي ۽ ڏاتار ٿي گذريا آهن جن جي سخا ڳڻ اجان تائين پيا ڳائجن پر ڄام سپڙ اهڙو سخي هو جيڪو نه رڳو در تي آيل فقيرن ۽ منگتن کي خيرات ڏيندو هو پر ماڻهو موڪلي ملڪ جي گهرجائن ۽ ضرورتمندن جي تلاش ڪري مدد ڪندو هو.“ (10)

در آئي مڱڻي، ڏان سيڪو ڏئي،
سپڙ سي ساري، جي جهوپڙين ۾ جهپڪيا

انهيءَ ڪان به اڳتي شاه صاحب سخي سپڙ جي سخا جي ساراه ڪئي آهي ته جيڪي چارڻ جسم ۾ جڏا هوندا هئا ۽ هلڻ ڦرڻ کان لاچار هوندا هئا اهي به پنهجو نياپو پهچائيندا هئا ته تون ته وڏو چٽ ڏٺي آهين اسين جسم ۾ جڏا آهيون ، جيڪر اسان کي گهر ويني ڏان ملي ته اسين به فيضياب ٿيون ۽ تون ته وڏو ديالو آهين .

چارڻ لڱو پنڌ گهڻو ، ڪر چوٽاڻيءَ چئيج،
هٿ ڪي هلائيج، اتي آئون نه اچڻو
(آڏواڻي بيت 6)

يا ٻيءَ جاءِ فرمايو آهي ته:

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٺي ، ٻجهان ٻاجهه ٿي ،
سپڙ سا سئي ، جيڪا چارڻ چت ۾
( ن ب 2 _ 23 )

سپڙ ڄام سخيءَ جي سخاوت جا هوڪا خود مڱڻهارن به ڏنا آهن ، ته ڪيئن نه سخي ميرن ۽ گدلن منگتن کي سڏ ڪري انعام ڏيندو هو ۽ چالاڪ ۽ سٻوجهه مڱڻا ٻڌي پهرئين اچي پاسو ونندا هئا ۽ اٻوجهن کي به آسرو هوندو هو ته انهن کي به ضرور دان ملندو .

ميرا پسي مڱڻا ، سپڙ سڏ ڪيا ،
سٻوجهن سئا ، اٻوجهن کي آسرو
( ن ب 22 )

سخي سپڙ ڄام جي سخا جي حوالي سان سنڌ جي مختلف قصن ۾ اها ڳالهه آيل آهي ته ، هن ” ڏڏ مڱڻهار“ کي هڪ سوءُ تازي گهوڙا ڏنا هئا . ڏڏ هڪ معذور مڱڻهار هو، جنهن جي سادگي ۽ جڏائي سخيءَ کي ايتري ته پسند آئي هئي جو شاه صاحب پڻ هِن سر ۾ ڏڏ جو ذڪر ڪيترن ئي بيتن ۾ ڪيو

آهي . سوءُ گهوڙن جي سخا واري ڳالهه جي شاهدي شاهه صاحب هن طرح ڏني آهي .

ڏڏ تي ڏان گهر، چڏ وجا جي وائي،
سپڙ رات سنباهيا، تازي تو لائي،
جو چاڙي نہ ڪائي ، تنهن ٻيلي ڏڻيءَ ٻاجهه ڪئي

(ن ب 2 _ 3)

شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ هميشہ خودي ، تڪبر ۽ وڏائيءَ کي نِنديو آهي . هن بيت ۾ پڻ اهڙي ڳالهه ڪيل آهي تہ جيڪو بہ مڱڻهار هيڻاهين ۽ عاجزيءَ وارو آهي انهن لاءِ سپڙ ڄام وٽ تازي گهوڙا انعام طور موجود آهن . ڏڻي تعاليٰ جي در تي بہ عاجزي ۽ انڪساريءَ وارن جي وڏيڪ سڃاڻ آهي . اهوئي انعامي ٿيندو آهي جنهن جو ٻيو ڪوبہ والي وسيلو نہ هوندو آ هي . رب پاڪ پاڻ انهن جو واهرو ٿيندو آهي ۽ اهڙن جڏن ۽ غريبن کي اجا بہ وڏيڪ درجو عطا ڪندو آهي.

" ڏڏ " وڏو ڏڏ، پاڻ ڪوئائي مڱڻو،
نہ ڪنهن نيو پاڻ سين، نہ ڪنهن ڪيو گڏ،
سپڙ ڪري سڏ، ڏڏ ڏوليءَ وهاريو

( ن ب 2_ 19 )

اهڙيءَ طرح هن سر ۾ سخا جو ذڪر آهي تہ ڏڻيءَ جي ڏاتار واري صفت بہ ظاهري طور سمجهايل آهي .جنهن جو مطلب آهي تہ خالق هڪڙو ئي آهي ۽ اهو ئي ڏيهن جو ڏاتار آهي . سندس در تي باقي سيني جي حيثيت مڱڻهار واري آهي، جنهن جي در تي ٻي سڄي مخلوق پينار واري حيثيت سان ٻاڏائي تہ ڪيس ججهو دان ملي ٿو . ان لاءِ شاهه صاحب ڏڻيءَ جي واڪاڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي مختلف تمثيلي نالن ، ۽ صفتن سان پيش ڪيو آهي ڪڏهن هو پاڻ کي "سڱ "تہ ڪڏهن" پينار" تہ ڪڏهن" ڏڏ "سڏي ٿو .

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون صاحب آءُ سڱ،
پڇي تنهنجو پڱ، ڪلهي پاتم ڪينرو
تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون يا پارس آءُ پينار،
تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون يا ڏاتار آءُ ڏڏ،
تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آءُ ڏوهه
تون پارس آئون لوهه ، جي سڄين تہ سون ٿيان

( ن ب 2 _ 18 )

## حوالا:


1. بلوچ ،نبي بخش خان ڊاڪٽر، جامع سنڌي لغات، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.. 2004 ص 561 .
2. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهه جو رسالو، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، 2006 ص 421.
3. آغا، محمد يعقوب، شاهه جو رسالو، عرف گنج لطيف، (انگريزي) ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر ۽ ٽوئرازم، گورنمنٽ آف سنڌ .2004 . ص 119 .
4. بلوچ، نبي بخش خان، شاهه جو رسالو، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومتِ سنڌ، 2009 .
5. يوسفاڻي، معمور، ست سورميون ۽ ڏهه ڏاتار، مهراڻ اڪيڊمي، 1999 . ص 61
6. ايضاً
7. آغا، محمد يعقوب، شاهه جو رسالو، عرف گنج لطيف، (انگريزي) ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر ۽ ٽوئرازم، گورنمينٽ آف سنڌ، 2004، ص 119
8. شيخ، محمد سومار، ڪڇ جو رڻ تاريخ جي آئيني ۾، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ 2006 . ص 21 .
9. يوسفاڻي، معمور . ست سورميون ڏهه ڏاتار . مهراڻ اڪيڊمي 1999 . ص 63
10. ايضاً